هفتيوار رسالو

# بغير حج ڪرڻ جي حج جو ثواب







(سنڌي)

- غريبن جو حج
- سؤ حج جو ثواب
- هر وار جي بدلي نيڪي
- ٻه حج ۽ ٻه عمرن جو ثواب

ترجمو
TRANSLATION DEPARTMENT
(DAWAT-E-ISLAMI)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفڪر بيروت)

طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **بغير حج ڪرڻ جي حج جو ثواب**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

## مولانا ابوبلال محمد الياس عطارقادري رضوي

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

جي قلم مان نڪتل رسالو

# بغير حج ڪرڻ جي حج جو ثواب

### ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# بغير حج ڪرڻ جي حج جو ثواب

دعاءِ عطار: يارب مصطفيٰ! جيڪو شخص **21** صفحن جو رسالو ”**بغير حج ڪرڻ جي حج جو ثواب**“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي پنهنجي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي پيءُ، ماءُ، ٻارن ٻچن سميت هر سال حجِ مبرور ۽ مقبول حاضريءِ مدينه سان مشرف فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: فرض حج ڪيو بيشڪ ان جو ثواب 20 غزوات ۾ شرڪت ڪرڻ کان وڌيڪ آهي ۽ مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهڻ ان جي برابر آهي. (فردوس الاخبار، 339/1، حديث: 2484)

هر برس حج کروں، گردِ کعبہ پھروں     یا شہِ محترم، تاجدارِ حرم
تیرے عطّار کا، ہے یہ ارماں شہا     نکلے طیبہ میں دم، تاجدارِ حرم

(وسائلِ بخشش، ص 247، 248)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بغير حج ڪرڻ جي حاجي

حضرت ربيع بن سليمان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان ٻئي ڀائر هڪ قافلي سان گڏ حج لاءِ روانا ٿياسين. جڏهن ”ڪوفي“ پهتاسين ته مان ڪجهه خريد ڪرڻ لاءِ بازار ڏانهن ويس، رستي ۾ مون هي عجيب منظر ڏٺو ته هڪ ويران جاءِ تي هڪ مئل جانور پيو هو ۽ هڪ نهايت غريب عورت چاقوءَ سان ان جي گوشت جا ٽڪرا ڪٽي، هڪ ٽوڪري ۾ وجهي رهي هئي. منهنجي ذهن ۾ خيال آيو ته هيءَ مردار گوشت ڪٽي وجهي رهي آهي، ان تي خاموش نه رهڻ گهرجي، ممڪن آهي ته هيءَ ڪا ٻورچياڻي هجي ۽ اهو مردار گوشت پچائي ماڻهن کي کارائي،

مان چپ چاپ هن جي پنيان هلڻ لڳس. اها عورت هڪ گهر وٽ اچي بيٺي ۽ دروازو ڪڙڪايائين، اندران آواز آيو: ڪير؟ هن چيو: کوليو! مان ئي بدحال آهيان. دروازو کُليو تہ اندران چار ڇوڪريون نڪتيون، انهن مان بہ غريبي ۽ مصيبت جا آثار صاف نظر اچي رهيا هئا. ان عورت اندر وڃي اها ٽوڪري انهن ڇوڪرين جي اڳيان رکي ۽ روئيندي چيو: ”هن کي پچايو ۽ الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو، الله پاڪ جو پنهنجن ٻانهن تي اختيار آهي، ماڻهن جون دليون ان جي ئي قبضي ۾ آهن.“ اُهي ڇوڪريون ان گوشت کي ڪٽي باهہ تي پُچڻ لڳيون. مون کي ڏاڍو دِلي افسوس ٿيو، مون ٻاهران آواز ڏنو: ”اي الله جي ٻانهي! خدا جي واسطي اهو گوشت نہ کائجو.“ هن چيو: تون ڪير آهين؟ مون وراڻيو: مان هڪ مسافر آهيان. هن چيو: اسان پاڻ مقدر جا قيدي آهيون، ٽن سالن کان اسان جو ڪو حال پڇڻ وارو ناهي، هاڻي تون اسان کان ڇا ٿو چاهين؟ مون چيو: غير مسلمن جي هڪ فرقي (باهہ جي پوڄا ڪرڻ وارن) کان سواءِ ڪنهن بہ مذهب ۾ مردار کائڻ جائز نہ آهي. هن چيو: ”اسان خاندانِ نبوت جا شريف (يعني سيد) آهيون، هنن ڇوڪرين جو پيءُ وڏو نيڪ ماڻهو هو، هُن پاڻ جهڙن سان ئي هِنن جو نڪاح ڪرڻ چاهيو پئي، پر ان کان پهريان سندس انتقال ٿي ويو، جيڪا وراثت (يعني ملڪيت) هن ڇڏي، اها ختم ٿي وئي. اسان کي خبر آهي تہ مردار کائڻ جائز نہ آهي پر حالتِ اضطرار (يعني جان وڃڻ جي انديشي) ۾ جائز ٿي ويندو آهي ۽ اسان چئن ڏينهن کان بکايل آهيون.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هتي بهارِ شريعت جلد **3**، صفحو **373** تي لکيل

هي **2** مسئلا بہ ياد رکو: **مسئلو1:** اضطرار جي حالت ۾ يعني جڏهن جان وڃڻ جو انديشو هجي ۽ حلال شيءِ کائڻ لاءِ نہ ملي تہ حرام شيءِ يا مردار يا ٻئي ڪنهن جي شيءِ کائي پنهنجي جان بچائجي ۽ انهن شين جي کائڻ تي ان صورت ۾ ڪو مواخذو (يعني قيامت جي ڏينهن پڇاڻو) نہ آهي، بلڪ نہ کائي مرڻ ۾ مواخذو آهي، توڙي جو پرائي شيءِ کائڻ ۾ تاوان ڏيڻو پوندو. **مسئلو2:** جيڪڏهن اُڃ سبب مرڻ جو انديشو هجي تہ ڪا شيءِ پِي پنهنجو پاڻ کي هلاڪت کان بچائڻ فرض آهي. جيڪڏهن پاڻي نہ هجي ۽ شراب موجود هجي ۽ معلوم هجي تہ ان کي پيئڻ سان جان بچي ويندي، تہ ايترو پيئي جنهن سان مرڻ جو انديشو ويندو رهي. (بہارِ شريعت، 373/3، حصو: 16)

حضرت ربيع بن سليمان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: (سادات جي خاندان جا

دردناڪ حالات ٻڌي مون کي روئڻ اچي ويو ۽ مان انتهائي بيچينيءَ سان اتان واپس موٽيس. مان پنهنجي ياءُ کي اچي چيو تہ منهنجو حج جو ارادو ناهي، هن مون کي گهڻو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ حج جي فضيلتن بابت ٻڌايو تہ حاجي اهڙي حالت ۾ موٽندو آهي جو ان تي ڪو بہ گناهہ نہ رهندو آهي وغيره وغيره پر پنهنجي ياءُ جي اصرار جي باوجود مون پنهنجا ڪپڙا، احرام جون چادرون ۽ جيڪو سامان مون سان گڏ هو، جنهن ۾ ڇهہ سئو درهم روڪ بہ هئا، اهو سڀ ڪٺي هليو آيس. بازار پهچي انهن مان **100** درهم جو اٽو ۽ **100** درهم جو ڪپڙو خريد ڪيو ۽ بقايا **400** درهم اٽي ۾ لڪائي، ساداتِ ڪرام جي گهر پهچي، سمورو سامان ڪپڙا ۽ اٽو وغيره انهن جي حوالي ڪيو. ان عورت الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو ۽ هن طرح دعا ڏني: ”اي ابنِ سليمان! الله پاڪ تنهنجا اڳيان ۽ پويان سڀ گناهہ معاف ڪري، توکي حج جو ثواب ۽ پنهنجي جنت ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ ان جو اهڙو بدلو عطا ڪري جيڪو توتي بہ ظاهر ٿي وڃي.“ سيني کان وڏي ڇوڪري دعا ڏني: ”الله پاڪ تنهنجو اجر ٻيڻو ڪري ۽ تنهنجا گناهہ معاف فرمائي.“ ٻيءَ دعا ڏني: ”الله پاڪ توکي ان کان گهڻو وڌيڪ عطا فرمائي جيترو تو اسان کي ڏنو آهي.“ ٽين ڇوڪري دعا ڏيندي چيو: ”الله پاڪ اسان جي ناني جان رحمتِ عالميان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ تنهنجو حشر ڪري.“ چوٿين جيڪا سيني کان ننڍي هئي، اُنَ هِن طرح دعا ڏني: ”اي الله پاڪ! جنهن اسان تي احسان ڪيو آهي، تون ان جو نعم البدل (يعني سٺو بدلو) ڪيس جلدي عطا فرماءِ ۽ ان جا اڳيان پويان گناهہ معاف فرماءِ.“ حاجين جو قافلو روانو ٿي ويو ۽ مان ان جي واپسي جي انتظار ۾ مجبوراً ڪوفي ۾ ئي رهي پيس ايسيتائين جو حاجين جي واپسي شروع ٿي وئي جيئن ئي حاجين جو هڪ قافلو منهنجي اکين اڳيان آيو، پنهنجي حج جي سعادت کان محرومي تي منهنجي اکين مان ڳوڙها وَهي پيا، مان انهن کان دعائون وٺڻ لاءِ اڳتي وڌيس. جڏهن انهن سان ملاقات ڪري مون چيو: ”الله پاڪ اوهان جو حج قبول فرمائي ۽ اوهان جي خرچن جو بهترين بدلو عطا فرمائي.“ انهن مان هڪ حاجي حيرت جو اظهار ڪندي چيو تہ هيءَ دعا ڪيئن ؟ مون چيو: ”اهڙي غمزده شخص جي دعا، جيڪو دروازي تائين پهچي حاضري کان محروم رهجي ويو.“ هو چوڻ لڳو: وڏي تعجب جي ڳالهہ آهي تہ اوهان اتي وڃڻ جو انڪار ڪيو ٿا! ڇا اوهان اسان سان گڏ عرفات جي ميدان ۾ نہ هئا؟ ڇا اوهان اسان سان گڏ شيطان کي پٿريون نہ هنيون هيون؟ ۽ ڇا اوهان اسان سان گڏ طواف نہ ڪيو؟ مان

پنهنجي دل ۾ سوچڻ لڳس ته يقيناً هي الله پاڪ جو خاص لطف ۽ ڪرم آهي. ايتري ۾ منهنجي شهر جي حاجين جو قافلو به اچي پهتو. مون انهن کي به چيو: ”الله پاڪ اوهان خوش نصيبن جي ڪوشش قبول فرمائي ۽ اوهان جو حج قبول ڪري.“ اهي به حيران ٿي چوڻ لڳا: اوهان کي ڇا ٿيو آهي؟ هيءَ اجنبيت ڇا جي؟ ڇا اوهان عرفات ۾ اسان سان گڏ نه هئا؟ ڇا اسان گڏجي رمي جمرات نه ڪئي هئي (يعني شيطان کي پٿريون نه هنيون هيون)؟ انهن مان هڪ حاجي اڳتي وڌيو ۽ منهنجي ويجهو اچي چوڻ لڳو: ياءُ! اڻڄاڻ ڇو ٿا بڻجو؟ اسان مڪي ۽ مديني ۾ گڏ ته هئاسين! هي ڏسو! جڏهن اسان روضهءِ رسول جي زيارت ڪري بابِ جبرائيل مان ٻاهر اچي رهيا هئاسين ته ان وقت رَشِ جي ڪري اوهان هيءَ ٿيلهي مون کي امانت طور ڏني هئي، جنهن جي مهر تي لکيل آهي: مَنۡ عَامَلَنَا رَبِحَ يعني ”جيڪو اسان سان معاملو ڪندو آهي، نفعو حاصل ڪندو آهي.“ هي ونو پنهنجي ٿيلهي! حضرت ربيع رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ فرمائن ٿا: خدا جو قسم! مون ان ٿيلهي کي ان کان پهريان ڪڏهن ڏٺو به نه هو. خير، مون ٿيلهي ونئي ڇڏي. عشاء جي نماز پڙهي مون پنهنجو وظيفو پورو ڪيو ۽ ليٽي پيس ۽ سوچيندو رهيس ته آخر قصو ڇا آهي! ايتري ۾ مون کي ننڊ گهيري ورتو، منهنجي ظاهري اک ته ڇا بند ٿي، دل جي اک کُلي وئي اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ! مان خواب ۾ جنابِ رسالت مآب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ديدار سان مشرف ٿيس. مون پنهنجي مڪي مدني آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ سلام عرض ڪيو ۽ مبارڪ قدم چميا. شاهِ خير الانام صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مسڪرائيندي سلام جو جواب ڏنو ۽ ارشاد فرمايو: ”اي ربيع! اسان ڪيترا گواهه قائم ڪريون ۽ تون آهين جو قبول ئي نٿو ڪرين. ٻڌ! ڳالهه هيءَ آهي ته جڏهن تو ان عورت تي، جيڪا منهنجي اولاد مان هئي، احسان ڪيو ۽ پنهنجو زادِ راهه (يعني مال) ايثار ڪري پنهنجو حج ملتوي (يعني Cancel) ڪيو ته مون الله پاڪ کان دعا ڪئي ته هو ان جو نعم البدل توکي عطا فرمائي، پوءِ الله پاڪ هڪ فرشتو تنهنجي شڪل ۾ پيدا فرمايو ۽ حڪم ڏنائين ته اهو قيامت تائين هر سال تنهنجي طرفان حج ڪندو رهي. ان سان گڏ دنيا ۾ توکي هي بدلو ڏنو ويو ته **600** درهمن جي بدلي ۾ **600** دينار (سون جا سڪا) عطا فرمايا. تون پنهنجيون اکيون ٺڏيون ڪر.“ الله پاڪ جي آخري رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پوءِ ٿيلهي جي مهر تي لکيل

مبارڪ لفظ ارشاد فرمايا: مَنۡ عَامَلَنَا رَبِحَ يعني ”جيڪو اسان سان معاملو ڪندو آهي، نفعو حاصل ڪندو آهي.“ حضرت ربيع رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا ته جڏهن مان ننڊ مان اٿيس ۽ ان ٿيلهي کي کوليم ته ان ۾ **600** سون جا سِڪا هئا. (رشفة الصادي، ص 253) الله رب العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

تيرے قدموں کا تبرّک يدِ بيضائے کليم　　تيرے ہاتھوں کا دِيا فضل مسيحائی ہے

(ذوقِ نعت، ص 251)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب ❀❀ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! ڪيترائي ”عازمينِ حج“ هن سال سفرِ حج لاءِ بيتاب آهن پر حالات خبر ناهي ته ڪهڙو پيغام ڏين ؟ ڪيترن ئي زائرين حج جا اخراجات جمع ڪرائي ڇڏيا آهن ۽ خوش نصيبن جا نالا به قرعه اندازي ۾ اچي چڪا آهن، بلڪ فلائيٽن جون تاريخون به اچي ويون آهن، پر پوءِ به معلوم نه آهي ته هن سال ڪهڙي خوش نصيب جو حج بيت الله ۽ زيارتِ مدينه جو حسين خواب پورو ٿئي، چاڪاڻ ته زندگيءَ جو ڪوبه پروسو ناهي. الله پاڪ اسان سڀني تي پنهنجو خاص فضل ۽ ڪرم فرمائي، بار بار حج ۽ عمري جون سعادتون نصيب فرمائي ۽ بالآخر سبز سبز گنبذ جي سائي ۾ جلوهءِ محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ ايمان ۽ عافيت سان شهادت، جنت البقيع ۾ مدفن ۽ جنت الفردوس ۾ پنهنجي پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

زمانہ حج کا ہے جلوہ دیا ہے شاہدِ گُل کو　　الٰہی طاقتِ پرواز دے پرہائے بلبل کو

(حدائق بخشش، ص 122)

شرحِ ڪلامِ رضا: يا الله پاڪ! حج جو زمانو اچي ويو آهي ۽ تنهنجي پياري پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ جلوو ظاهر ٿيو آهي. اي منهنجا مولا! مون کي سعادت نصيب فرماءِ ته مان تنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربارِ ڪرم ۾ حاضر ٿي سگهان.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مختلف روايتن ۾ ڪيترن ئي اهڙن ”نيڪ عملن“

جو بيان آهي، جن جي ڪرڻ وارن کي اللّٰه پاڪ جي رحمت سان ”حج جو ثواب“ ملندو آهي. جيڪي عاشقانِ رسول هن سال سفرِ حج جي آس لڳائي ويٺا آهن اهي بہ ۽ جن وٽ حاضريءِ مديـنہ جا اسباب نہ آهن اهي بہ، ڪوشش ڪري انهن نيڪ عملن تي عمل ڪري پنهنجي وطن ۾ ئي رهندي حج جو ثواب حاصل ڪري سگهن ٿا. پر ياد رکو! حج جي ادائيگي ٻي شيءِ آهي ۽ حج جو ثواب ملڻ ٻي شيءِ آهي. جنهن مسلمان تي حج فرض ٿي چڪو آهي ان کي تہ فرض حج ادا ڪرڻو ئي پوندو. بيان ڪيا ويندڙ نيڪ اعمال تہ انهن فضيلتن ۽ برڪتن کي حاصل ڪرڻ لاءِ آهن. يعني هڪ طرح سان اهي اهڙن غريبن، ڏکايلن ۽ غم جي مارين لاءِ بهترين تحفو آهن جيڪي ظاهري طور حج تي نہ ٿا وڃي سگهن. هُونئن تہ حج سڄي زندگيءَ ۾ صرف هڪ ڀيرو صاحبِ استطاعت مسلمان تي شرطن جي موجودگيءَ ۾ فرض آهي.

## ﴿1﴾: 75 هزار فرشتن جي ذريعي سايو

شهنشاهِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جيڪو شخص پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ وڃي، اللّٰه پاڪ **75** هزار فرشتن جي ذريعي ان تي سايو فرمائيندو آهي، جيڪي ان جي لاءِ دعا گهرندا رهندا آهن. هو فارغ ٿيڻ تائين رحمت سان ڍڪيل رهندو آهي ۽ جڏهن فارغ ٿيندو آهي تہ اللّٰه پاڪ ان جي لاءِ حج ۽ عمري جو ثواب لکي ڇڏيندو آهي.

(مجمع الزوائد، 8/354،حديث:13725)

## ﴿2﴾: ضرورت جي وَقت صدقو ڪرڻ

بهارِ شريعت جلد **1**، صفحو **1216** تي آهي: حاجت جي وقت ”صدقو“ (ڪرڻ نفل) حج کان افضل آهي.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهہ ڪيترائي ماڻهو حالتن جي ڪري پريشان آهن. ممڪن آهي تہ اوهان جي آسپاس بہ مختلف قسمن جا سفيد پوش ماڻهو رهندا هجن، جيڪي نہ ئي پروفيشنل ڀينو فقيرن وانگر روڊ تي اچي پنندا آهن ۽ نہ ئي راشن جي قطارن ۾ بيهي راشن وٺندا آهن. جيڪڏهن اوهان پنهنجي خاندان، محلي يا شهر ۾ ڳولا ڪيو تہ اهڙا ضرورت مند ماڻهو اوهان کي ملي ويندا، جيڪڏهن ممڪن هجي تہ اهڙن ماڻهن جي مدد لاءِ انهن جي گهر جو

مهيني جو خرچ مقرر ڪري ڇڏيو، ڪنهن جو قرض ادا ڪري يا معاف ڪري ان جي دل کي راحت پهچايو ته ڪهڙو پري آهي جو الله پاڪ جي رحمت سان اوهان کي به نفلي حج کان وڌيڪ ثواب عطا ٿي وڃي.

ہر طرف سے بلاؤں نے گھیرا آفتوں نے لگایا ہے ڈیرا
تو ہی اب میرا حاجت روا ہے یا خدا تجھ سے میری دعا ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

## ﴿3﴾: مقبول حج جو ثواب ڏيارڻ وارو ڪم

الله پاڪ جي پياري رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جڏهن اولاد پنهنجي ماءُ پيءُ ڏانهن رحمت جي نظر ڪري ته الله پاڪ ان جي لاءِ هر نظر جي بدلي ۾ حج مبرور (يعني مقبول حج) جو ثواب لکندو آهي. صحابهءِ ڪِرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: توڙي جو روزانو سو پيرا نگاهه ڪري! فرمايائون: نَعَمْ، اَللّٰہُ اَکْبَرُ وَاَطْیَبُ يعني ها، الله سڀ کان وڌو ۽ اطيب (يعني سڀ کان وڌيڪ پاڪ) آهي. يقيناً الله پاڪ ان کي 100 مقبول حجن جو ثواب عطا فرمائيندو.

(شعب الایمان، 186/6، حدیث: 7856)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! يقيناً ماءُ پيءُ جو درجو تمام وڏو آهي، انهن جون دعائون اولاد جي حق ۾ قبول ٿينديون آهن، بس انهن کي خوش رکو، خوب خدمت ڪري انهن جون دعائون وٺو. انهن جي خوشي ايمان جي سلامتي ۽ انهن جي ناراضگي ايمان جي بربادي جو سبب ٿي سگهي ٿي. ماءُ پيءُ جو فرمانبردار سدائين خوش ۽ شاد ۽ آباد رهندو آهي. دنيا ۾ جتي به رهي، پنهنجي ماءُ پيءُ جي دعائن جو فيض حاصل ڪندو رهندو آهي.

مشغول جو رہتا ہے،ماں باپ کی خدمت میں اللہ کی رحمت سے،جاتا ہے وہ جنّت میں
ماں باپ کو ایذا جو، دیتا ہے شرارت سے جاتا ہے وہ دوزخ میں،اعمال کی شامت سے

## ماءُ کي اڪيلو ڇڏي ڏيڻ واري جو عبرتناڪ موت

هڪ شخص جي ماءُ سخت بيمار موت جي بستري تي پئي هئي، ان جي باوجود نالائق پٽ هن سان بدتميزي ڪئي ۽ ويچاريءَ کي اڪيلو ڇڏي

ڏنائين ۽ اها غريب انهيءَ ئي اڪيلائيءَ جي حالت ۾ وفات ڪري وئي. وقت گذرندو رهيو، 30 سالن کان پوءِ ان ”نالائق پٽ“ کي دَستَ (يعني موشن) ٿي پيا ۽ هو نهايت ڪمزور ٿي ويو. پنهنجن هٿن سان ڪيل ورتاءُ هن ريت سامهون آيو جو هو روئي روئي چوندي ٻڌو ويو: ”منهنجا ٿي پٽ آهن، پر اهي منهنجي بلڪل به پرواهه نه ٿا ڪن. مان ڪيترن ئي ڏينهن کان بيمار آهيان، پر هڪ پيرو به مون سان ملڻ نه آيا آهن.“ آخرڪار هو پنهنجي ماءُ وانگر رات جو اڪيلو مري ويو. صبح جو پاڙي وارن ڏٺو ته اڪيلي لاش تي ڪِولِيُون جمع ٿي چڪيون هيون ۽ اُن کي کائي رهيون هيون.

(نيڪي جي دعوت، ص 434)

دل دکھانا چھوڑ دیں ماں باپ کا ورنہ ہے اس میں خسارہ آپ کا

(وسائل بخشش، ص713)

واقعي اهو شخص وڏو خوش نصيب آهي، جيڪو ماءُ پيءُ کي خوش رکندو آهي ۽ جيڪو بدنصيب ماءُ پيءُ کي ناراض ڪندو آهي ان جي لاءِ بربادي آهي. اها حقيقت آهي ته ماءُ پيءُ کي ستائڻ وارو دنيا ۾ به سزا ماٽيندو آهي. فرمانِ مصطفٰى صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: الله پاڪ چاهي ته تمام گناهن جي سزا قيامت تائين موقوف ڪري ڇڏيندو آهي، پر ماءُ پيءُ جي نافرماني جي سزا جيئري ئي ڏيندو آهي. (مستدرڪ، 216/5، حديث: 7345)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! منهنجو اوهان کي همدردانه مشورو آهي ته: جيڪڏهن اوهان جا ماءُ پيءُ يا انهن مان ڪو هڪ ناراض آهي ته فوراً هٿ جوڙي، پير پڪڙي ۽ روئي روئي معافي ۽ تلافي جي ترڪيب ڪريو، انهن جا جائز مطالبا پورا ڪريو ڇو جو ان ۾ ئي ٻنهي جهانن جي ڀلائي آهي. اهو ڪيڏو نه بدنصيب آهي، جنهن جا ماءُ پيءُ ناراضگيءَ جي حالت ۾ وفات ڪري ويا هجن. ان کي گهرجي ته هاڻي انهن جي لاءِ ڪثرت سان دعاءِ مغفرت ڪري جو مرڻ واري جي لاءِ سڀ کان وڏو تحفو دعاءِ مغفرت آهي ۽ انهن جي لاءِ خوب خوب ايصالِ ثواب به ڪري. اولاد جي طرفان مسلسل نيڪين جا تحفا پهچندا ته اميد آهي ته مرحوم والدين راضي ٿي وڃن. جيئن ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”ڪنهن جا ماءُ پيءُ يا ٻنهي

مان ڪنهن هڪ جي وفات ٿي وئي ۽ هو انهن جي نافرماني ڪندو هو، هاڻي انهن جي لاءِ هميشه استغفار ڪندو رهندو آهي، ايسيتائين جو الله پاڪ کيس نيڪوڪار لکي ڇڏيندو آهي.“ (شعب الايمان، 202/6، حديث: 7902)

ٿي سگهي ته مڪتبة المدينه جا ڪتاب ۽ رسالا وغيره حسبِ توفيق وني، ايصالِ ثواب جي نيت سان ورهايو. جيڪڏهن ايصالِ ثواب لاءِ والدين وغيره جا نالا ۽ پنهنجي ايڊريس رسالي يا ڪتاب تي ڇپرائڻ چاهيو ٿا ته مڪتبة المدينه سان رابطو ڪريو. (والدين جي خدمت بابت وڌيڪ معلومات لاءِ اميرِ اهلِ سنت جو رسالو ”سامونڊي گنبد“ دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ تان مفت ڊائون لوڊ ڪري سگهو ٿا).

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿4﴾: مقبول حج جو ثواب

اي عاشقانِ رسول! جن جا والدين يا انهن مان ڪو هڪ فوت ٿي ويو آهي ته ٿي سگهي ٿو انهن جي دل ۾ خيال اچي ته هاڻي مان ڪيئن حج جو ثواب حاصل ڪري سگهان ٿو؟ ته پڙو، اهو به مقبول حج جو ثواب حاصل ڪري سگهي ٿو. جيئن ته تاجدارِ مدينه منوره، سلطانِ مڪه مڪرمه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو ثواب جي نيت سان پنهنجي والدين يا ٻنهي مان ڪنهن هڪ جي قبر جي زيارت ڪري، مقبول حج جي برابر ثواب حاصل ڪندو ۽ جيڪو ڪثرت سان انهن جي قبر جي زيارت ڪندو هجي، فرشتا ان جي قبر جي (يعني جڏهن هو فوت ٿيندو) زيارت لاءِ ايندا.

(نوادر الاصول، 150/1، حديث: 98)

جن جا والدين يا انهن مان ڪو هڪ فوت ٿي ويو آهي ته انهن کي گهرجي ته (مرحوم والدين) جي باري ۾ غفلت نه ڪن، انهن جي قبر تي حاضري به ڏيندا رهن ۽ ايصالِ ثواب به ڪندا رهن.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿5﴾: حج جو ثواب حاصل ڪرڻ جو هڪ پيو عمل

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جيڪو طهارت

(يعني وضو يا غسل) ڪري پنهنجي گهر کان فرض نماز لاءِ نڪتو ان جو اجر اهڙو آهي جيئن حج ڪرڻ واري مُحرِم (يعني احرام ٻڌڻ وري) جو ۽ جيڪو چاشت جي لاءِ نڪتو ان جو اجر عمرو ڪرڻ واري جي مثل آهي ۽ هڪ نماز کان پي نماز تائين، جو ٻنهي جي وچ ۾ ڪجهه بہ لغويات (يعني فضول ڳالهيون) نہ هجن، تہ اهي عليين ۾ لکيون وينديون آهن، (يعني قبوليت جي درجي تي پهچنديون آهن). (ابو داؤد، 231/1، حديث: 558) (بہارِ شريعت، 438/1، حصو:3)

حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه حديث پاڪ جي هن حصي (جيڪو طهارت (يعني وضو يا غسل) ڪري پنهنجي گهر کان فرض نماز لاءِ نڪرندو آهي، ان جو اجر اهڙو آهي جيئن حج ڪرڻ واري مُحرِم(يعني احرام ٻڌڻ واري) جو) جي تحت ”مرآة“ جلد **1**، صفحو **449** تي فرمائن ٿا: چوتہ حاجي ڪعبي ۾ ويندو آهي ۽ هي مسجد ۾، اهي ٻئي الله جا گهر آهن. حاجي حج جو احرام ٻڌندو آهي ۽ هي نماز جي نيت سان گهر کان نڪرندو آهي. جيئن تہ حج خاص تاريخن ۾ ٿيندو آهي پر حاجي گهر مان نڪرڻ کان موٽڻ تائين هر وقت اجر حاصل ڪندو رهندو آهي، اهڙي ئي طرح نماز جي جماعت جيتوڻيڪ خاص وقت ۾ ٿيندي آهي پر نمازي بہ گهر مان نڪرڻ کان موٽڻ تائين الله جي رحمت ۾ رهندو آهي. وڌيڪ ارشاد فرمائن ٿا: خيال رهي تہ چاشت ۽ ٻيا نوافل جيتوڻيڪ گهر ۾ پڙهڻ افضل آهن پر جيڪڏهن گهر جي مشغولين يا ٻارن جي گوڙ وغيره جي ڪري مسجد ۾ پڙهجن تہ بہ بهتر آهي، هتي اهو ئي مراد آهي. (مرأة المناجيح، 449/1)

میں ساتھ جماعت کے پڑھوں ساری نمازیں — اللہ! عبادت میں مرے دل کو لگا دے
پڑھتا رہوں کثرت سے دُرُود اُن پہ سدا میں — اور ذِکر کا بھی شوق پئے غوث ورضا دے
اُستاد ہوں، ماں باپ ہوں، عطّار بھی ہو ساتھ — یُوں حج کو چلیں اور مدینہ بھی دکھا دے

(وسائل بخشش،ص114،115)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## {6}: علمِ دين حاصل ڪرڻ جي فضيلت

الله پاڪ جي رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جيڪو صبح جو مسجد ڏانهن پلائي سکڻ يا سيکارڻ جي ارادي سان ويندو آهي،

ان ڪي ڪامل حج ڪرڻ واري جهڙو ثواب ملندو آهي.

(معجم ڪبير ، 94/8، حديث: 7473)

سُبْحٰنَ الله! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم ”فجر کان پوءِ تفسير ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو حلقو“ لڳائڻ بہ آهي، جنهن ۾ قرآن ڪريم جو تفسير، درسِ فيضانِ سنت ۽ سلسلهءِ عاليہ قادريہ رضويہ عطاريہ جي بزرگن جي وسيلي سان دعا ڪرڻ يعني شجرو شريف پڙهڻ بہ شامل آهي. الله جي رِضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ، علمِ دين سکڻ يا سيکارڻ لاءِ هن مدني حلقي کي لڳائڻ يا ان ۾ شرڪت ڪرڻ جي جيڪي عاشقانِ رسول سعادت حاصل ڪندا، الله پاڪ جي رحمت مان اميد آهي تہ انهن کي پوري حج ڪرڻ واري جو ثواب عطا ٿئي. (دعاءِ عطار ٻڌو ۽ ديني ڪم ڪندا رهو:)

جو دے روز دو ”درسِ فیضانِ سنّت“ میں دیتا ہوں اُس کو دعائے مدینہ
جو نیکی کی دعوت کی دھومیں مچائے میں دیتا ہوں اُس کو دعائے مدینہ
یہ عطار مکّے سے زندہ سلامت تڑپتا ہوا کاش آئے مدینہ

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد ❀❀❀ صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب

## ﴿7﴾: سورت يٰسين شريف جي برڪت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ نہ پر 20 حجن جو ثواب حاصل ڪرڻ وارو نيڪ عمل ٻڌو ۽ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃو. جيئن تہ مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضیٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جنهن سورت ياسين جي تلاوت ڪئي، ان جي لاءِ 20 حجن جو ثواب آهي ۽ جنهن ان کي لکي پي ڇڏيو تہ ان جي پيٽ ۾ هزار يقين ۽ هزار رحمتون داخل ڪيون وينديون ۽ ان مان هر قسم جي کوٽ ۽ بيماري نڪري ويندي. (حلية الاولياء، 154/7، حديث: 9989)

الٰہی خوب دیدے شوق قرآں کی تلاوت کا شَرَف دے گنبدِ خضرا کے سائے میں شہادت کا

# دُنيا ۽ آخرت جي ڀلائي

سردارِ مڪہ مڪرمہ، سرڪارِ مدينہ منوره صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: توريت ۾ سورت يٰسين جو نالو مُعِمَّہ آهي، چو تہ اها پنهنجي تلاوت ڪرڻ واري کي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي عطا ڪندي آهي، هيءَ دنيا ۽ آخرت جون بلائون دور ڪندي آهي ۽ آخرت جي هولناڪين کان نجات ڏياريندي آهي ۽ ان جو نالو دافعه ۽ قاضيه بہ آهي چو جو اها پنهنجي تلاوت ڪرڻ واري کان هر برائي دور ڪندي آهي ۽ ان جي هر ضرورت پوري ڪندي آهي. جنهن شخص ان جي تلاوت ڪئي اها ان جي لاءِ 20 حجن جي برابر آهي ۽ جنهن ان کي ٻڌو ان جي لاءِ الله پاڪ جي راهہ ۾ هڪ هزار دينار (يعني سون جا سڪا) خرچ ڪرڻ جي برابر آهي ۽ جنهن ان کي لکي پي ڇڏيو تہ ان جي پيٽ ۾ هزار دوائون، هزار نور، هزار يقين، هزار برڪتون ۽ هزار رحمتون داخل ٿينديون ۽ اها پنهنجي پڙهڻ واري کان هر ڏوکي ۽ بيماري کي ڪڍي ڇڏيندي آهي. (شعب الايمان، 481/2، حديث: 2465)

هر روز میں قرآن پڑھوں کاش خدایا ۔۔۔ اللّٰہ! تلاوت میں مرے دل کو لگا دے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿8﴾: غريبن جو حج

حضرتِ عبدالله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ دو عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اَلْجُمُعَةُ حَجُّ الْمَسَاكِيْن يعني جمعي جي نماز مسڪينن جو حج آهي ۽ ٻي روايت ۾ آهي تہ اَلْجُمُعَةُ حَجُّ الْفُقَرَاء يعني جمعي جي نماز غريبن جو حج آهي. (جمع الجوامع، 184/4، حديث: 11108، 11109)

## ﴿9﴾: هڪ حج ۽ هڪ عمرو

الله پاڪ جي آخري رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: بيشڪ توهان جي لاءِ هر جمعي جي ڏينهن ۾ هڪ حج ۽ هڪ عمرو موجود آهي. مطلب تہ جمعي جي نماز لاءِ جلدي نڪرڻ حج آهي ۽ جمعي جي نماز کان پوءِ عصر جي نماز لاءِ انتظار ڪرڻ عمرو آهي. (السنن الکبریٰ للبيهقي، 342/3، حديث: 5950)

حضرت امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: (جمعي جي نماز کان پوءِ) عصر جي نماز پڙهڻ تائين مسجد ۾ ئي رهو، ۽ جيڪڏهن مغرب جي نماز تائين ترسو ته افضل آهي. چيو وڃي ٿو ته جنهن جامع مسجد ۾ (جمعو ادا ڪرڻ کان پوءِ اتي ئي ويهي) عصر جي نماز پڙهي ان جي لاءِ حج جو ثواب آهي ۽ جنهن (اتي ئي ويهي) مغرب جي نماز پڙهي ان جي لاءِ حج ۽ عمري جو ثواب آهي. (احياءَ العلوم، 249/1) (جنهن مسجد ۾ جمعو پڙهيو ويندو آهي، ان کي "جامع مسجد" چئبو آهي). جمعي جي نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ افضل اهو آهي ته الله پاڪ جو ذڪر ڪندي، ان جي نعمتن تي غور ۽ فڪر ڪندي، ان توفيق ملڻ تي ان جو شڪر ادا ڪندي ۽ پنهنجين ڪوتاهين جي سبب ڊڄندي ڊڄندي گهر ڏانهن موٽي ۽ سج لٿي تائين پنهنجي دل ۽ زبان جي نگراني ڪري ته جيئن ان مان فضيلت واري گهڙي (مغرب کان ٿورو پهريان دعا جي قبوليت جي مبارڪ ساعت) ضايع نه ٿي وڃي. (احياء العلوم، 249/1)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿10﴾: 100 حجن جو ثواب

الله ڪريم جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو الله جي لاءِ صبح جو 100 ڀيرا سُبۡحٰنَ الله پڙهي ۽ 100 ڀيرا شام جو پڙهي، ته هو ان جي مثل آهي جنهن سو حج ڪيا. (ترمذي، 288/5، حديث: 3482)

مفتي احمد يار خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: ڏينهن جي شروعات ۾ 100 ڀيرا سُبۡحٰنَ الله پڙهي ۽ رات جي شروعات ۾ به 100 ڀيرا پڙهي ته ان کي نفلي 100 حجن جي برابر ثواب ملندو. هتي صاحبِ مرقات فرمايو آهي ته تسبيح مان مراد حضورِ دل (يعني دل کي حاضر ڪري توجهه سان) تسبيح پڙهڻ آهي ۽ حج مان مراد اهي حج آهن جيڪي غفلت سان ڪيا وڃن. مطلب اهو آهي ته حضورِ دل سان آسان نيڪي ڪرڻ، غفلت سان ڪيل مشڪل عمل کان افضل هوندي آهي. واضح رهي ته حج جو ثواب ملڻ ٻي ڳالهه آهي ۽ حج جي ادائيگي ٻي ڳالهه آهي، هتي ثواب جو ذڪر آهي نه ڪي حج جي ادائيگي جو، جيئن اطباء (يعني

ڊاڪٽر) چوندا آهن تہ هڪ گرم ڪيل مُنقىٰ ۾ هڪ مانيءَ جيتري طاقت آهي پر پيٽ مانيءَ سان ئي پرجندو آهي، ڪو بہ شخص بہ وقت ٺي ٺي مُنقىٰ ڪائي زندگي نہ ٿو گذاري سگهي. واقعي انهن تسبيحن ۾ ايترو ئي ثواب آهي پر حج ادا ڪرڻ سان ئي ٿيندا. جيڪو رب ٻاجهريءَ جي هڪ داڻي مان ست سنگ پيدا ڪري سگهي ٿو جن جا داڻا اسان جي ڳڻپ ۾ نہ ٿا اچي سگهن اهو رب تسبيحن تي بہ ايترو ثواب ڏئي سگهي ٿو. اهڙي قسم جي ثوابن جو واعدو قرآن ڪريم ۾ بہ ڪيو ويو آهي ۽ ان قسم جي حديثن ۽ آيتن کي مبالغو يا ڪوڙ سمجهڻ بي ديني آهي. رب تعالیٰ جو ڏيڻ (يعني عطا ڪرڻ) اسان جي سوچ کان تمام گهڻو آهي، ان کي روڪڻ وارو ڪير آهي؟ (مرأة المناجيح، 346/3)

کر مغفرت مِری تِری رحمت کے سامنے　　　میرے گناہ یاخدا ہیں کِس شمار میں

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ جي رحمت تان قربان، جو ٿورڙي ئي محنت سان ايترو عظيم الشان ثواب عطا فرمائي ٿو. ڪاش! اسان غفلت ۾ گهريل جاڳي پئون ۽ الله پاڪ جي عبادت لاءِ تيار ٿي وڃون.

ریاضت کے یہی دن ہیں بڑھاپے میں کہاں ہمّت
جو کچھ کرنا ہے اب کرلو ابھی نُوری جَواں تم ہو

(وسائلِ بخشش،ص 160)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

## ﴿11﴾: زمين ۽ آسمان جون ڪُنجيون

مسلمانن جي ٽئين خليفي، حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ سيپاري 24، سورت زمر، آيت نمبر 63 جي هن حصي ﴿لَهٗ مَقَالِيْدُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ﴾ ترجمو ڪنز العرفان: ”آسمانن ۽ زمين جون ڪُنجيون انهيءَ جي ملڪيت ۾ آهن.“ جي تفسير مڪي مدني آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پڇي تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”تون مون کان جنهن شيءِ جي باري ۾ پڇيو آهي، ان جي باري ۾ توکان پهريان ڪنهن بہ نہ پڇيو آهي ۽ ان جي تفسير هي ڪلما آهن: لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ سُبْحَانَ اللّٰهِ الْعَظِيْمِ وَبِحَمْدِهٖ وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ وَاَسْتَغْفِرُ

اللهَ الْاَوَّلَ وَالْاٰخِرَ وَالظَّاهِرَ وَالْبَاطِنَ، لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ، بِيَدِهِ الْخَيْرُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَىْ ءٍ قَدِيْرٌ (پوءِ ارشاد فرمايائون) جيڪو هي ڪلما صبح ۽ شام **10** ڀيرا پڙهندو آهي ان کي **6** (ڇهن) فضيلتن سان نوازيو ويندو آهي: **(1)** ان کي شيطان ۽ ان جي لشڪرن کان محفوظ ڪيو ويندو آهي **(2)** ان کي هڪ قنطار (هڪ خاص مقدار) اجر ڏنو ويندو آهي **(3)** جنت ۾ ان جو هڪ درجو وڌايو ويندو آهي **(4)** الله پاڪ ان جو نڪاح حورِ عين (وڏين اکين واري حور) سان فرمائيندو آهي **(5)** ان وٽ ٻارهن فرشتا حاضر ٿيندا آهن **(6)** ان کي حج ۽ عمري جو ثواب ملندو آهي. (قوت القلوب، 240/1)

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد ❀❀❀ صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب

## ﴿12﴾: الله جي رِضا جي لاءِ دوستي

رضاءِ الٰهي جي لاءِ دوستي رکڻ وارن ٻن ماڻهن جي وچ ۾ ملاقات ٿي ته هڪ شخص ٻئي کان پڇيو: توهان ڪٿان اچي رهيا آهيو؟ ٻئي وراڻيو: مان الله پاڪ جي حرمت (يعني عظمت) واري گهر (ڪعبة الله شريف) جو حج ۽ رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضهءِ پاڪ جي زيارت ڪري اچي رهيو آهيان ۽ توهان ڪٿان اچي رهيا آهيو؟ ٻهرين جواب ڏنو: پنهنجي هڪ ڀاءُ سان ملاقات ڪري اچي رهيو آهيان، جنهن سان مان الله پاڪ جي رضا جي لاءِ محبت ڪندو آهيان. ٻيو چوڻ لڳو: ڇا توهان مون کي پنهنجي ملاقات جي فضيلت (اجر ۽ ثواب) تحفي ۾ ڏيندؤ، جنهن جي بدلي ۾ مان توهان کي پنهنجي حج جو ثواب تحفي ۾ ڏيان؟ اهو ٻڌي ٻهريون شخص ٿوري دير لاءِ سوچ ۾ پئجي ويو، ايتري ۾ ڪنهن غيب مان آواز ڏنو، پڪارڻ وارو نظر نه پئي آيو، پر سندس آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو، هو چئي رهيو هو: الله پاڪ جي رضا جي لاءِ مسلمان ڀاءُ سان ملاقات ڪرڻ بارگاهِ الٰهي ۾ **100** حجن کان افضل آهي، سواءِ حجة الاسلام (فرض حج جي. (ڪتاب النيات، ص 64)

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد ❀❀❀ صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب

## ﴿13﴾: ڇنڇر جي ڏينهن نفل نماز

پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”جيڪو شخص ڇنڇر جي ڏينهن چار رڪعتون نماز پڙهي، هر رڪعت ۾ هڪ ڀيرو سورت فاتحه ۽ ٽي ڀيرا سورت اخلاص پڙهي، سلام ڦيرڻ کان پوءِ آيت الڪرسي پڙهي ته الله پاڪ هر حرف جي بدلي ۾ ان جي لاءِ هڪ حج ۽ هڪ عمري جو ثواب لکندو آهي، هر حرف جي بدلي ۾ هڪ سال جي روزن ۽ رات جي قيام جو ثواب وڌائيندو آهي، هر حرف جي بدلي ۾ هڪ شهيد جو ثواب عطا فرمائيندو آهي ۽ (قيامت جي ڏينهن) اهو شخص نبين ۽ شهيدن سان گڏ عرشِ الٰهي جي ڇانوَ ۾ هوندو.“ (احياءَ العلوم، 267/1۔ قوت القلوب، 63/1)

ہر وقت جہاں سے کہ انہیں دیکھ سکوں میں — جنت میں مجھے ایسی جگہ پیارے خدا دے

(وسائلِ بخشش،ص 120)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿14﴾: مغرب جي نماز باجماعت پڙهڻ

خادمِ نبي حضرت انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جنهن مغرب جي نماز جماعت سان ادا ڪئي ان جي لاءِ مقبول حج ۽ عمري جو ثواب لکيو ويندو ۽ اهو ايئن آهي جڻ ان شبِ قدر ۾ قيام ڪيو. (جمع الجوامع، 195/7، حديث: 22311)

## ﴿15﴾: هر هڪ وارَ جي بدلي ۾ نيڪي

نبين جي سلطان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نمازِ فجر جي باري ۾ ارشاد فرمايو: جنهن چڱيءَ طرح وضو ڪيو پوءِ ان مسجد ڏانهن هليو، جنهن ۾ نماز پڙهي ويندي آهي ته هر قدم جي بدلي ۾ ان کي هڪ نيڪي ملندي آهي ۽ ان جو هڪ گناهه مٽايو ويندو آهي، جڏهن ته نيڪيءَ جو اجر ڏهوڻ تي هوندو آهي ۽ جڏهن هو نماز ادا ڪري سج اڀرڻ جي وقت موٽندو آهي ته ان جي جسم تي موجود هر هڪ وارَ جي بدلي ۾ هڪ نيڪي لکي ويندي آهي ۽ هو هڪ مبرور (يعني مقبول) حج جو ثواب حاصل ڪري موٽندو آهي پر جيڪڏهن هو اتي ئي ويهي رهي ۽ نفل پڙهندو رهي ته ان جي هر جلسي جي بدلي ۾ ڏهه لک نيڪيون لکيون وينديون آهن ۽ جيڪو عشاء جي نماز

ادا ڪري ان جي لاءِ بہ ايتريون ئي نيڪيون لکيون وينديون آهن ۽ هو عمري ۽ حجِ مبرور جو ثواب حاصل ڪري موٽندو آهي. (قوت القلوب، 181/1)

## ﴿16﴾: حجِ مبرور

رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سيدنا عثمان بن مَظْعون رَضِىَ اللهُ عَنْهُ کي فرمايو: اي عثمان! جيڪو شخص فجر جي نماز باجماعت ادا ڪري، الله پاڪ جو ذڪر ڪندو رهي ايسيتائين جو سج اُيري بلند ٿي وڃي ۽ پوءِ 2 رڪعتون نمازِ اشراق پڙهي تہ ان جي لاءِ مقبول حج ۽ مقبول عمري جو ثواب لکيو ويندو آهي. (شعب الايمان، 138/7، حديث: 9762)

## ﴿17﴾: حج ۽ عمري جو ثواب ڏيارڻ وارو هڪ ٻيو عمل

(هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ آهي): جيڪو فجر جي نماز باجماعت ادا ڪري ذڪرُ الله ڪندو رهي ايسيتائين جو سج بلند ٿي وڃي پوءِ بہ رڪعتون (نماز اشراق) پڙهي تہ ان کي حج ۽ عمري جو ثواب ملندو.

(ترمذي، 100/2، حديث: 586)

اي عاشقانِ رسول! هڪ ٻيرو وري هي مدني گل ٻڌو تہ حج ۽ عمري جو ثواب ملڻ ٻي ڳالھ آهي ۽ انهن جو ادا ڪرڻ ٻي ڳالھ آهي يعني ان جو مطلب اهو ناهي تہ مسلمان حج ادا ڪرڻ ڇڏي ڏين ۽ صرف اشراق پڙهي وٺن. وڌيڪ هن حديث پاڪ ۾ "مبرور حج" جو ذڪر آهي.

جيئن تہ حضرت علامہ عبد الرؤف مناوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: "حج مبرور" جو مطلب آهي: مقبول حج يا اهو حج جنهن ۾ ڪو گناھ نہ ڪيو ويو هجي. (التيسير بشرح جامع صغير، 158/2)

خدا حجِ مبرور کی دے سعادت مدینے کی کرتا رہوں میں زیارت

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد ❀❀❀ صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب

## ﴿18﴾: ٻن حجن ۽ ٻن عمرن جو ثواب

جنهن رمضان المبارڪ ۾ ڏھ ڏينهن جو اعتڪاف ڪيو اهو ائين آهي ڄڻ ان بہ حج ۽ بہ عمرا ڪيا. (شعب الايمان، 425/3، حديث: 3966) جڏهن تہ عظيم تابعي

بزرگ حضرت حسن بصري رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَيۡه کان منقول آهي: معتکف کي هر روز هڪ حج جو ثواب ملندو آهي. (شعب الايمان، 425/3، حديث: 3968)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جنهن نيڪ ڪم جي نيت سچي دل سان ڪئي وڃي ۽ پوءِ ڪنهن سبب اهو عمل نہ بہ ٿئي تہ الله پاڪ ان نيت جو ثواب عطا فرمائيندو آهي. اچو تہ! اسان بہ هاڻي کان ئي نيت ڪيون تہ اِنۡ شَآءَاللّٰهُ الۡکَرِيۡم! ايندڙ سال پوري رمضان المبارڪ جو، يا گهٽ ۾ گهٽ آخري ڏهہ ڏينهن جو اعتڪاف ڪنداسين. بلڪ جيڪڏهن ممڪن هجي تہ ٻين کي بہ ترغيب ڏياري ان جي لاءِ تيار ڪريو. اميرِ اهلِ سنت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه فرمائن ٿا:

ديکھنا ہے جو میٹھا مدینہ چلو ديني ماحول ميں کر لو تم اعتِکاف
ديکھو مکّے مدينے کے تم صبح و شام ديني ماحول ميں کر لو تم اعتِکاف
مان بھی جاؤ عطّار کی التجا ديني ماحول ميں کر لو تم اعتِکاف

(وسائلِ بخشش، ص 644، 645)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب ❀❀ صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿19﴾: مسجد نبوي شريف ۾ نماز پڙهڻ جي ارادي سان اچڻ جو ثواب

جيڪو وضو ڪري ۽ مسجد نبوي شريف ۾ نماز پڙهڻ جي ارادي سان اچي ان کي حج جو ثواب ملندو آهي. جيئن تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”جيڪو شخص وضو ڪري منهنجي مسجد ۾ نماز پڙهڻ جي ارادي سان نڪري اهو ان جي لاءِ هڪ حج جي برابر آهي.“

(شعب الايمان، 499/3، حديث: 4191)

داغِ فُرقتِ طیبہ قلب مضمحل جاتا کاش گنبدِ خضرا دیکھنے کو مل جاتا
دِل پہ جب کِرن پڑتی سبز سبز گنبد کی اُس کی سبز رَنگت سے باغ بن کے کِھل جاتا
موت لے کے آجاتی زندگی مدینے میں موت سے گلے مل کر زندگی میں مِل جاتا
خُلد زارِ طیبہ کا اِس طرح سفر ہوتا پیچھے پیچھے سر جاتا آگے آگے دِل جاتا
اُن کے دَر پہ اختر کی حسرتیں ہوئیں پوری سائلِ درِ اقدس کیسے مُنفعِل جاتا

## ﴿20﴾: مسلمان جي دل خوش ڪرڻ

سلسلهٔ عطاريه قادريه جا عظيم بزرگ حضرت ابو بڪر ڪَتّاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان حضرت سري سقطي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ته هو هڪ لذيذ ڪاڏو ڪٽي آيا ۽ اڌ ٻئي پيالي ۾ وجهڻ لڳا. مون عرض ڪيو: ”هي اوهان ڇا ڪري رهيا آهيو؟ مان ته اها سموري هڪ ئي دفعي ۾ کائي ويندس.“ حضرت سري سقطي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه مسڪرائڻ لڳا ۽ فرمايائون: ”هي عمل (يعني مسلمان ڀاءُ جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ) تنهنجي لاءِ (نفلي) حج کان افضل آهي.“ (احياء العلوم، 15/2)

حضرت بشر حافي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو قول آهي: ڪنهن مسلمان جي دل خوش ڪرڻ **100** (نفلي) حج ڪرڻ کان بهتر آهي. (ڪيمياء سعادت، 751/2)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي رضا جي لاءِ مسلمان جي دل خوش ڪيو ۽ خوب ثواب ڪمايو. البته اها ڳالهه ذهن نشين رهي ته جيڪڏهن خدا نخواسته ڪنهن جي دل گناهه ڪرڻ يا معاذالله! الله پاڪ جي نافرماني ڪرڻ سان خوش ٿئي ٿي ته اهڙن ڪمن ۾ ڪنهن جي به ڳالهه نه مڃي ويندي ڇاڪاڻ ته الله پاڪ جي نافرماني ۾ ڪنهن جي به اطاعت جائز نه آهي.

دعوتِ اسلامي جي پياري پياري ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو باعمل عاشقانِ رسول جي صحبت اختيار ڪرڻ سان نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جو ذهن ٺهندو ۽ هر مهيني پابنديءَ سان قافلن ۾ سفر ڪريو جو ائين ڪرڻ سان بيشمار سنتون سکڻ جو موقعو ملندو ۽ بيان ڪيل نيڪ ڪمن تي عمل ڪرڻ جو موقعو ۽ جذبو به نصيب ٿيندو.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو　　سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر　　پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

(وسائل بخشش، ص 662، 663)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ





فیضانِ مدینہ محلّہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net